تحقيق جو عنوان:-ڏکڻ ايشيا جي ٻارن ۾ Sepsisجا اسباب ( انيسا )

مطالعو ڪندڙ :- پروفيسر ذوالفقار علي ڀٽہ

فون نمبر:-021-3486782

نئين چاول ٻار جو نالو :----------------------------

تحقيق جو سڃاڻپ نمبر :

هي پروجيڪٽ انيسا تحقيق جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. هن تحقيق ۾ گھڻا ئي ادارا شامل آهن. جھڙوڪ ، چائلڊ هيلٿ ريسرچ فائونڊيشن بنگلاديش ، ورلڊ هيلٿ آرگنائزيشن ، جاهن آپڪنس يونيورسٽسي ان يونائيٽيڊ اسٽيٽس آڪسفورڊ يونيورسٽي ان يونائيٽيڊ ڪنگڊم ، يونيورسٽي آف ٽورانٽو ان ڪئنيڊا ، انٽرنيشنل سينٽر فار ڊاهريل ڊزيز ريسرچ بنگلاديش، آغاخان يونيورسٽي ان پاڪستان ۽ انڪلين ٽرسٽ انٽرنيشنل ان انڊيا.

## تحقيق ڇا لاءِ ٿي رهي آهي ؟

پاڪستان اندر نون ڄاول ٻارن ۾ انفيڪشن بيمار ٿيڻ ۽ موت جو عام سبب آهن ان ڏس ۾ اسان هڪ تحقيق ڪري رهيا آهيون تہ جيئن اسان هن علائقي جي نون ڄاول ٻارن اندر شديد انفيڪشن جا سبب ۽ خطرات بابت سکي سگھون ۽ هن تحقيق مان جيڪا معلومات حاصل ڪئي ويندي ، ٿي سگھي ٿو تہ هي تحقيق اسان کي ڪو اهڙو رستو ڏيکاري جنهن سان بچاءُ ۽ نئين ڄاول ٻار جو علاج بهتر طريقي سان ڪري سگجھي هن ڪوشش وسيلي ٿي سگھي ٿو تہ مستقبل ۾ نون ڄاول ٻارن جون زندگيون بچائي سگھجن .

## توهان جي ٻار کي ڇا لاءِ شامل ٿيڻ لاءِ چيو ويو آهي ؟

توهان اڳي ئي پنهنجي ٻار جي پهرئين ٻن مهينن دوران ايل ايچ ڊبليو پاران چڪاس لاءِ راضي ٿيا آهيو ، اڄ صحت جي ورڪر توهان جي ٻار کي معالج ڏانهن وٺي ويندي يا توهان پنهنجي ٻار کي صحت مهيا ڪندڙ ڏانهن وٺي ويندا. توهان جي صحت مهيا ڪندڙ کي اهو يقين آهي تہ توهان جو ٻار بيمار آهي ، تحقيق جو هي حصو ٻار جي بيماري متعلق آهي انهيءَ لاءِ توهان کي شامل ٿيڻ لاءِ چيو پيو وڃي .

## توهان کي ڇا ڪرڻ لاءِ چيو ويندو ؟

جيڪڏهن توهان جو ٻار هن تحقيق ۾ شامل ٿئي ٿو تہ اڄ جسم جي هيٺين حصي مان پاٽياٽ جا نمونا حاصل ڪيا ويندا. رت ( ٽي ملي ليٽر جيڪو هڪ چمچي کان بہ گھٽ مقدار جيترو هوندو ) اهو هڪ عام طريقي ڪار آهي جنهن ۾ ٻار جي ٻانهن يا ڄنگھ مان سئي وسيلي رت جو نمونو حاصل ڪيو ويندو جيڪو هڪ پلاسٽڪ جي ٽيوب ۾ جمع ڪيو ويندو.
توهان جي ٻار جي نڪ ۽ گلي مان بلغم حاصل ڪيو ويندو . هي عمل ٻار جي نڪ ۽ گلي مان هڪ لچڪدار ڪپھ جي ٻڙي وسيلي ٽڪڙو داخل ۽ ڪڍي ڪري حاصل ڪيو ويندو. تحقيق ۾ شامل ڪميونٽي هيلٿ ورڪر توهان کي اهي ڪپھ جا ٻڙا ڏيکاريندي.
سيئي ورتل نمونا مٿياري فيلڊ ليبارٽري ڏانهن موڪليا ويندا تہ جيئن ممڪنہ انفيڪشن جي جانچ ڪري سگھجي جيتوڻيڪ ٿي سگھي ٿو تہ توهان جي ٻار جا نمونا وڌيڪ جانچ لاءِ ٻين ملڪن جي بيمارين جي روڪٿام جي مرڪز ڏانهن اماڻيا وڃن .
جيڪڏهن ٽيسٽن جي نتيجن جو سڌو سنئون تعلق توهان جي ٻار جي صحت بابت فيصلي وٺڻ لاءِ هوندو ، تہ رپورٽون توهان ڏانهن يا معالج ڏانهن اماڻيون وينديون

Matiari Research & Training Centre